# پولڙي جي پُل

# ۽

# ٻيون آکاڻيون



گوهر ممتاز قاضي

سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

# پولٽري جي پُل

# ۽

# ٻيون آکاڻيون

## گوهر ممتاز قاضي

## سنڌي ادبي بورڊ - حيدرآباد سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Second Edetion – 1984 – 5000 Copies

*All Rights Reserved with*
GOHAR MUMTAZ QAZI

*Illustratted & Designed by*
SHEJI KAZMI, SUNAYIA KAZMI

*Published by*

GHULAM RABBANI AGRO,

SECRETARY, SINDHI ADBI BOARD

JAMSHORO.

*Produced by*
SYED & SYED
21,Aurangzeb Market, M.A.Jinnah Road, Karachi – Phone: 217300
Printed at: Ahmed Brothers Printers, Karachi

# مهاڳ

يونيسڪو، سال ١٩٧٩ع کي ”ٻارن جو سال“ قرار ڏنو آهي. اقوام متحده جا سمورا ميمبر ملڪ ٻارن جي جلسن جلوسن، تقريرن، مباحثن، ڪتابي ميلن، تصويرن جي نمائشن ۽ ٻين طريقن وسيلي پبلڪ جو توجهه ٻارن ڏانهن ڇڪائي رهيا آهن ته جيئن والدين، استاد ۽ معاشري جا سمورا افراد ٻارن جي صحتمند جسماني ۽ ذهني نشوونما لاءِ ڪوشش وٺن.

پاڪستان ۾ پڻ ٻارن جو بين الاقوامي سال ملهايو پيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ مختلف تنظيمون ۽ ادارا مختلف پروگرامن تي عمل ڪري رهيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ سنڌي زبان جو اهم علمي ۽ ادبي ادارو آهي، جنهن جو بنيادي ڪم آهي سنڌي زبان ۾ ٻارن، عورتن ۽ مردن لاءِ علمي ۽ ادبي ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪرڻ. بورڊ، ٻارن لاءِ ڪيترن سالن کان وٺي سنڌي زبان ۾ ماهوار رسالو ”گل ڦل“ شايع ڪري رهيو آهي ۽ ٻارڙن جا ڪجهه دلچسپ ڪتاب پڻ شايع ڪيا اٿس، جن مان اڪثر سنڌي زبان جي هاڪاري عالم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جا لکيل آهن. هينئر ٻارن جي عالمي سال جي نسبت سان هي ڪتاب ”ٻولڙي جي ٻلي ۽ ٻيون آکاڻيون“ شايع ٿي رهيو آهي.

هن ڪتاب جي مصنفہ پاڪستان جي مايه ناز تعليمدان ۽ سيڪريٽري وزارت تعليم حڪومت پاڪستان ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب جي اهليه محترمه آهي. محترمه هن ڪتاب ۾ ڏنل آکاڻيون سنيس ۽ وڻندڙ زبان ۾ لکيون آهن، جنهنڪري انهن ۾ سمايل اخلاقي سبق ٻارن کي سولائيءَ سان ذهن نشين ٿي ويندا. اميد آهي ته هيءُ ڪتاب سنڌ جي ٻارن ۾ گهڻي قدر مقبول ٿيندو.

— ناشر

# فهرست

١. مندن جو ميلو ———— ٥

٢. ٻچڙي ٻدڪ ———— ١٢

٣. نبيله جي گُڏي ———— ٢٠

٤. ٻولڙي جي پُل ٢٩

٥. بزرگ جو باز ٣٦

٦. کينهوڙي تي کيٽو ٤٣

# مندن جو ميلو

ڪل بادشاهن جو بادشاهه ڏٺي سگهورو. ڪُل ميلن کان وڏو ميلو هن جڳها جو آهي.

هرهنڌ ننڍا وڏا ميلا پيا لڳن، اهڙو هڪ وڏو ميلو لڳل هو. ميلي جي خبر پوڻ تي ماڻهو، زالين مڙسين ۽ ٻارين ٻچين ڏوڪيندا پئي ويا. جتي چار ماڻهو پهچندا وڃن، آتي پنجون به وڃيو شامل ٿئي. ٻه ٻه، چار چار ٿيندا هزارين اچيو مڙن.

معلوم ڪرڻ تي خبر پيئي ته اهو نه ٻارن جو ميلو آهي ۽ نه زالن جو ميلو آهي، بلڪ اهو آهي "مندن جو ميلو".

هيڪر اهو ٻڌي حيران رهجي ويس ته "مندن جو ميلو" ڪيئن ڏ‍و لڳي! خير، سوچيندي سوچيندي انهيءَ هجوم ڏانهن وڌيس، جتي ماڻهو ٽڪيٽ ڪٽائڻ لاءِ بيٺا هئا. پر ماڻهن کي صبر نه هجي. هڪٻئي کي ڌڪا پئي ڏنائون ۽ ڪاڏائون. خبر نه آهي ته انهن کي اهڙي تڪڙ ڇو هئي.

جڏهن سيڪنهن ڪم ۽ هرڪنهن ڳالهه جو وقت مقرر آهي، پوءِ ايتري جلدي ڇاجي!




ڪيولين جهڙن ڪمزور جيتن ڏانهن ڪٿي ڏسجي ته ڪيئن نه هڪٻئي جي پٺيان قطار ۾ سانت سان پيون هلنديون آهن. پٺي پاسي وري آڏن جهڙا گهٽ

عقل جانور به ڪين نه صبر
سان قطار ۾ قاعدي سان پيا
هلندا آهن. پر اهي انسان
اشرف المخلوقات هوندي به قانون
جو قدر نٿا ڪن. آخر قانون
جي محافظ ڪي پنهنجي فرض
جي ادائگي ڪرڻي پيئي. ان
طرح مون ڪي به اندر وڃڻ جو
وارو مليو.

مان حيراني سان هيڏي هوڏي
ڏسندو رهيس ته آخر ان ميلي
۾ ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن جي
ڪري هن جو نالو "مندن جو
ميلو" رکيو ويو آهي. مان گهمندو
رهيس، ڦرندو رهيس.

ميلي ۾ ڇا نه هو! دوڪانن
۽ اسٽالن ڪي وڪري جي سامان
سان چڱي طرح سينگاريو ويو
هو. راندڪن جا دوڪان، ڪپڙي
جا دوڪان، ڇا وري ڪاڏي جا
سامان رکيا هجن!

جيڪي گُهر سو حاضر آهي.
دل وندرائڻ لاءِ مختلف راندين
جو انتظام ڪيل جهولا، چو ڏول،



قسمت جو حال ٻڌائڻ وارا به
موجود. لاٽرين جي لالچ جدا
پيئي ڏني وڃي. هرهنڌ زندگي
جي گرمي هئي. جيڏي ڏس
اوڏي هل هلان ڀڄ ڀڄان، ترسڻ
۽ بيهڻ ته ڪنهن ۾ ڪونه هو.
هرڪو ايترو مشغول ٿي پيو جو
ڪين سندن آهي گهر وسري ويا
جتان هو آيا هئا.


هلندي گهمندي هڪ اسٽيج
نظر آيو.

هن اسٽيج جي مٿان لکيل
هو "دنيا جي اسٽيج . اهو پڙهي
بيهر تعجب ۾ هيڏي هوڏي ڏسڻ
لڳس. ڪا مهل ٿي ته هڪڙو

شخص ڇئن رنگن جون پڳيون، سائي، ڳاڙهي، اڇي ۽ پيلي، جيڪي هڪڙي گول چڪري ۾ ٻڌل هيون سي آڏي هڪڙي پاسي ٽنگي ڇڏيائين.

مان سوچيندو رهيس ته اهي رنگ ڪهڙي ڪهڙي ملڪ جي نشاندهي ڪن ٿا.

ايتري ۾ اسٽيج تي "سيئو درويش" آيو. ڪيس اڇا پر ٿلها ڪپڙا پيل هئا. برف جهڙي اڇي ڏاڙهي هيس. شڪل جڻ ته سبب اڇي ٿي ويئي هجيس. هُن اچڻ سان اهڙي ڪا ڦوڪ هنئي جو سڄي ميلي ۾ سياڪوري پکڙجي ويئي. ماڻهو پنهنجا ڪالر





کنن تي ويڙهڻ لڳا، ڪوٽ سوڙها ڪرڻ لڳا ۽ آن اسٽيج تي اهڙا نقشا نظر اچڻ لڳا جڻ ڌڌ پيئي وڌي، هوا پڻ ڌڌي پيئي لڳي.

نندين ٻارن جا نڪ زڪام سان وهڻ شروع ٿيا. انهن گلن جا گلابي ڳِل ڦُٽي پيا. چپ ڦاٽڻ لڳا.

ماڻهن کي ٿلهن ڪپڙن جي گهرج ٿي. رليون ۽ ڪيس بند ٿيا. سوڙين جو استعمال شروع ٿيو. گهرن ۾ گرمائش لاءِ سگريون ۽ هيٽر ٻرڻ شروع ٿيا. ميدان برف جي پوشاڪ پائڻ لڳا. ماڻهو توڙي مرون پنهنجن آجهن ۾ ويهڻ لڳا.

درويش پنهنجن ڪرشمن ڏيکارڻ کان واندو ٿي ڪونه ڏيو هو ته ”مائي بهاران“ اسٽيج تي اچي نڪتي.

درويش کيس ڏسي پُٺ موڙي. مائي هجي به ڏاڍي سهڻي، ڳاڙهن گلن ۽ ساون پنن جا هار پيل هجنس. رنگ برنگي ڪپڙا پاتل، شڪل مان تازگي ۽ توانائي نظر ٿي آئي. اکين سان گڏ نڪ جي حواس به ڪم ڪرڻ شُروع ڪيو.


خوشبوءِ ۽ مهڪار فضا ۾ پکڙجي ويئي. ائين ٿي لڳو جيئن باغ بستان جيئرا ٿي پيا هئا. پنن ساوا پهراڻ پاتا. ساوا ٻوٽا ڳاڙهن، پيلن، اڇن ۽ نيرن گلن سان سينگارجي ويا. پکين پرندن راڳ ڳائڻ شروع ڪيا.





ڪوئل ڪوڪڻ، پپيهو پنهنجي
پيارن کي سڏڻ لڳو. پوپٽن
گلن جي رنگن تي موهجي نچڻ
شروع ڪيو.

ماکي جي مک پنهنجي مانارن
۾ ماکي جا مڻ گڏ ڪرڻ لڳي.
ماڻهن ٿلها ڪپڙا لاهڻ
شروع ڪيا ۽ گهرن مان ٻاهر
نڪري گهمڻ گهتڻ تي دل
گُهرڻ لڳي. هر طرف بهاري
جا نظارا اکين کي راحت پيا
بخشين. جت جت مائي بهاران
ڦيرو ڏئي آت ٻهاري پنهنجو
جوڀن پيئي ڏيکاري.





"گرمو شيدي" کي شايد
آن حُسن ۽ جمال جي تصوير
نه وڻي. ساڙ وچان اسٽيج تي
نڪري نروار ٿيو. هن جي ظاهر
ٿيڻ سان سڄي باغ جو نقشو
بدلجي ويو. سندس ڪاري رنگ
ان ڳالهه جي شاهدي ڏني ته
آس جي گرمي ڪهڙي طرح
ٿي سڀ شيءِ کي ساڙيو ڇڏي.



جبلن جي چوٽين تان برف
پگهري آبشارن ۾ تبديل ٿي
ويئي، ٻوٽن جا ويس مٽجي ويا.
ماڻهن جا لباس تبديل ٿي ويا.



# بڇڙي بدڪ

گرميءَ جي موسم هئي، مينهن جو ڦڙو ئي ڪونه پيو هو.


هڪڙي بدڪ پنهنجي آکيري ۾ آنن ڦوڙڻ تي ويٺي هئي. چوڻ لڳي: ”اوهو، ڏاڍي گرمي آهي، ڪيترو نه سٺو ٿئي جو مان تلاءَ ۾ جيڪر وڃي تران.“ اڃان اهو دل ۾ سوچيائين ٿئي ته سندس آنا ڦٽڻ شروع ٿيا، ۽ انهن مان ننڍڙا، سهڻا ۽ پشمدار ٻچا نڪتا. پر پوءِ ڏٺائين ته سندس هڪڙو آنو اڃان نه ڦٽو آهي. بدڪ دل ۾ سوچڻ لڳي ته الائجي ڇا سبب آهي جو هي آنو ڦٽڻ ۾ دير پيو وٺي.

ٿوريئي دير ۾ اهو هڪڙو آنو به ڦٽو ۽ منجهانس هڪڙو ڪارڙو ڏکي ڳچيءَ سان ٻچو نڪتو.

بدڪ سوچيو ”ڪهڙو نه بڇڙو آهي اهو منهنجو ٻچڙا مون ڪڏهن به اهڙو بڇڙو ٻچو نه ڦوڙيو هو.“

بدڪ ٻچن کي تلاءَ ڏانهن وٺي ويئي ته انهن کي ڪجهه ترڻ سيکاري. کيس تعجب ٿيو جڏهن ڏٺائين ته اهو ڪارڙو ٻچو ٻين سڀني کان وڌيڪ هوشياريءَ سان تري ويو.

اهو ڏسي بدڪ کيس چيو، ”بهرحال، تون اهڙو بڇڙو ڪونه آهين“. پوءِ بدڪ خيال ڪيو ته ٻچن کي وٺي وڃي پنهنجي ملڻ وارن ڪڪڙين ۽ بدڪن کي ڏيکاريان. جڏهن پکين جي واڙي ۾ پهتي ته پکين سندس اچڻ پسند نه ڪيو ۽ پڇائي ڪيائونس. خاص طرح سان ان بڇڙي بدڪ جي ٻچي کي سندس ڏکهي ڳچي سبب ان کي ڌوڪيائون. هڪڙي پوڙهي بدڪ سندس طرفداري ۾ ڳالهايو. پر جيئن ان پٺ ورائي،



واڙي جا سڀ پکي سندس مذاق اڏائڻ لڳا. جيڏانهن غريب وڃي، سڀڪو کيس حقارت سان پڇائي ڪيڏي.

ويچاري بڇڙي بدڪ جي دل ۾ ڏاڍو ارمان ۽ ڏک ٿيو ۽ هڪڙي ڏينهن آنهيءَ ٻنيءَ جي واڙي

مان اُٿي اُڏاڻي، پري تمام پري. اُڏامندي اچي رات پيئي، ان ڪري هڪڙي تلاءَ جي ڪناري تي وڃي سمهي رهي. ٻئي ڏينهن جڏهن جهنگ جي بدڪن جاڳايس ته وري ڇا ڏٺائين ته هڪڙي بدڪ ٻيءَ بدڪ کي ٿي چئي ”هي ٻچو اهڙو سهڻو ڪونهي. ها نه؟“

ٻيءَ جواب ڏنس ”ڇڏي ڏينس، پيو هجي، توکي ڪهڙو نقصان ٿو پهچائي؟“

ويچاري بڇڙي بدڪ اڃان اُن جا ٿورا مڃڻ لاءِ مهرباني چوڻ تي هئي ته يڪدم ڪنهن شڪاريءَ جي بندوق جو آواز آيو. جهنگلي بدڪون اُڏامي



ويون. جڏهن فضا ۾ خاموشي ٿي، تڏهن اُهو ٻچو به وري اُتي اُڏاڻو.


ڪارڙو ڦرندي ڦرندي هڪڙي جهوپڙيءَ وٽ آيو، جنهن ۾ هڪڙي پوڙهي عورت رهندي هئي. وٽس هڪڙي ٻلي ۽ هڪ ڪڪڙ هئي. ڇو جو جهوپڙيءَ جو در کليل هو، ڪارڙو اندر گهڙي ويو. پوڙهيءَ جي نظر ڪجهه ڪمزور هئي، ان ڪري ڪارڙي ڏانهن ڏسي چيئين "ڏس ته ڪهڙي نه سهڻي ٻدڪ اندر آئي آهي، مان اِنهيءَ کي به پالينديس." ٻلي ۽ ڪڪڙ به سندس آجيان ڪئي.

"پوڙهي عورت مون کي انهيءَ لالچ تي به رکيو هو ته مان شايد آنا ڏيئي سگهندس، پر ڳالهه اها هئي ته مان آنا نٿي ڏيئي سگهيس". هڪڙي ڏينهن پوڙهي چيو ته هي ٻدڪ ڪانهي پر ٻدڪ آهي. اتي ڪڪڙ ۽ ٻلي به اچي ورتس. ڪڪڙ چيوس ته "تون آنا نٿو لاهي سگهين، ته وري ٻلي طعنو ڏنيس ته تون ڪوئا به نٿو جهلي سگهين. تون ڪجهه ڪري سگهين ئي ڪونه ٿو".

اتي ڪارڙو وڌيڪ اُداس ٿيو. سوچڻ لڳو ته "مان نه فقط ٻچڙو آهيان پر مان ناڪاره به آهيان، ڪجهه ڪري به نٿو سگهان". ان ڪري هڪڙي ڏينهن تمام گهڻو مايوس هو ۽ ان بد دلي ۾ اها جهوپڙي ڇڏي شهر جي ٻئي پاسي هليو ويو.

وقت گذرندو ويو. سرديون آيون. ڪارڙي پريان هڪ تلاءَ ۾ سهڻا اڇا پکي پاڻيءَ ۾ ترندا ڏٺا. هن جي دل ڏاڍو گهريو ته انهن کي ويجهو وڃي ڏسي پر همت نه ڪيائين.

سردي سخت پئي پيئي. ڪارڙي انهن ٻدڪن سان گڏ تلاءَ ۾ وڃڻ ڪان نٽايو، جو ڊپ هوس ته متان اهي به ٻچڙو ڪري اچي نه وٺنس. سو پنهنجو منهن



خوش ٿيا. پيءُ کان پڇيائون.
پٽن حال ٻڌايو. هاڻي ٻارن کي
راند لاءِ پڪي ملي ويو. پيا
ڊوڙائيندا هئا ۽ خوش ٿيندا هئا.

هڪڙي ڏينهن صبح جو وقت
هو. ٻار راند جي خيال سان وٺي
گوڙ ڪري هن ڏانهن وڌيا.
ڪارڙي کي گوڙ تي لڳو ڊپ،
سو جيئن ئي ٿو اُٿي ڀڄي ته
هڪڙي وڏي جڳ ۾ کير پيل
هو، سو ويو هارجي.



لڪائي، هڪڙي وڻ هيٺ
ويهي رهيو.

آتان هڪڙو ڪڙمي لنگهيو،
تنهن ڪارڙي کي برف ۾ ڪجهه
ڏکيل ڏٺو. سردي ۽ پاري
سبب اڌ مئل ٿي لڳو. ڪڙمي
ڪارڙي کي کڻي پنهنجي گهر
ويو. کيس ٻه ٻار هئا، هڪ ڌيءُ
هڪڙو پٽ. ٻارڙن جڏهن پيءُ
جي ڪڇ ۾ ٻدڪ ڏٺي، ڏاڍا


ڪڙميءَ جي زال ڪاوڙ وچان
کيس جهلڻ لاءِ جهٽ وڌو، پر
ڪارڙو ڇڏائي اُٿي ڀڳو. ڀوءِ
ڇا ھو؟ ٻار ٻـ ڪٺي ٻهارو ۽

چمٽو، ان جو پيڇو ڪندا ڊوڙندا
رهيا. اڳيان ڪارڙو ۽ پٺيان ٻار.
ويچارو ڪارڙو، ڇگو جو ڊر
ڪليل ھو، جان ڇڏائي ٻاهر



نکري ويو. هاڻي هڪ دفعو
وري ويچارو سرديءَ ۾ ڦٿڪندو
رهيو. بڪ هئي جا الڳ پيئي
تنگ ڪريس. جيئن تيئن ڪري
سرديءَ جي مند ختم ٿيڻ لڳي.
ڪارڙي ڏٺو ته گل ڦل وڻن تي
پيا ڦٽن، جيڏانهن ڪيڏانهن ساوڪ
پيئي اُسري. ڏسي ڏاڍو خوش
ٿيو. پيو ته نهيو، ڪيس اهو پڻ
محسوس ٿيو هو ته پاڻ ۾ ڪجهه
مٽجي پيو. هن جو جسم ڪجهه
وڏيرڙو پيو ٿئي. نه فقط اهو، پر
سندس ڪارا ڪنب ۽ ڇپي،
جنهن ڪيس ڪارڙو ۽ بڇڙو
بڻائي ڇڏيو هو، اهي به اڇا پيا
ٿين. ڪجهه وقت کان پوءِ جيئن
اڏامڻ جي ڪوشش ڪيائين ته
ڏٺائين ته سندس اُڏام ڪجهه
اُتانهين پئي ٿئي، ۽ ڪجهه
وڏيڪ فاصلي تائين اڏامي
سگهي ٿو.

آخرڪار هو اُڏامندو اچي هڪ
باغ، جنهن کي پارڪ چوندا
هئا، انهيءَ وٽ اچي لٿو. اتي
هڪ وڏي تلاءَ ۾ ٻه-ٽي وڏا
ٻدڪ پئي ترڪيا. باغ گلن سان



اصل ڏٺيو پيو هو. ٻدڪن جون ڏگھيون ڳچيون ڏسي پنهنجي ڳچيءَ تي ٻہ ڪنڌ هيٺ ڪري ڏٺائين. آهستي آهستي همت ڪري رڙهي اچي پاڻيءَ ۾ لٿو. پاڻيءَ ۾ لهڻ سان پاڻ پنهنجو

عڪس جڏهن پاڻي ۾ ڏٺائين، تہ ڪيس يقين نہ پيو اچي تہ هو اهڙو سهڻو هنس ٿي سگھي



ٿو. هن پاڻ ۾ ۽ ٻين هنسن ۾ ڪو فرق نہ ڏٺو. هن اطمينان جو ساهہ کنيو.

ايتري ۾ ٻہ ننڍڙا ٻار تلاءَ ڏانهن آيا، اهي شايد ان پارڪ ۾ پيا ايندا ويندا هئا. ٻارڙن جڏهن کيس ڏٺو تہ خوشيءَ وچان هڪڙي ٻئي کي سڏ ڪري چيو تہ "ڏس تہ سهي، هڪ نئون هنس پاڻيءَ ۾ پيو تري، اهو تہ انهن اڳين هنسن کان بہ وڌيڪ سهڻو ۽ وڏو آهي."

ڪارڙي عرف اڇي هنس آها تعريف ٻڌي ڪجھہ اطمينان جو ساهہ کنيو. کيس خوشي بہ ڏاڍي ٿي. دل ۾ سوچيائين تہ هاڻي سندس ڏکيا ڏينهن ٽري ويا، تنهن هوندي بہ هن کي پنهنجي سونهن تي غرور ڪونہ هو. البت سندس اها خواهش ضرور هئي تہ جن جن کيس بڇڙو چئي، سندس دل آزاري ڪئي هئي، ڪاش اهي کيس هڪ دفعو اهڙو "سهڻو" ڏسن ها.

۽ شيرين کي چيو، ”سُڀاڻي ته آچر آهي“، ثمينه وري پنهنجي پيءُ کي چيو، ”ادي، سومر تي ته عيد ميلاد جي موڪل آهي“.

شيرين ورائيو، ”پيءُ، اهو ته ڀاڻ ستو، هڪڙو ڏينهن ڪم ڪار

# نبيله جي گڏي



ٽَن... ٽَن... ٽَن... پاڙي جي اسڪول جو گھنڊ وڳو.

گھڙي ساعت ۾ ننڍا وڏا گلن جهڙا ٻار ڙا ڊوڙندا ٽڙندا اسڪول کان ٻاهر نڪتا.

پڪا امتحان پورا ٿيا، نتيجا پڻ نڪتا، ٻار آخر ڇو نه خوشي وچان ڊوڙندا نڪرن. ڇو نه نچندا ٽپندا نظر اچن. آهستي آهستي خود بخود ٽوليون ٺهنديون ويون.

ٻه ٻه يا ٽي ٽي ٽي گھرن ڏانهن روانا ٿيا. اهڙي هڪڙي ٽولي، جنهن ۾ چار پنج ڇوڪريون ۽ ٻه ٽي ڇوڪرا هئا، پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيائون.

نبيله پنهنجي ساهيڙين نِموُ

كنداسين ته هڪڙو ڏينهن وري راند روند كنداسين."

شمس (شمس النساء) اجا ڪجهه چُپ چُپ هئي، تنهن هڪدم چرڪ ڀري ائين ڳالهايو جو ڄڻ ته ڪا نئين ڳالهه دماغ ۾ اچي ويئي هيس. سو رڙ ڪري چيائين، "اچو ته سياڻي گُڏين راند ڪريون."

نمو، نبيله کي چيو، "نبيله تو وٽ ڏاڍي سهڻي گڏي آهي؛ چو نه ان جو وهانءُ ڪريون؟"

نبيله: ها ادي، ڪو گهوٽ به ته منهنجي سدا ملوڪ گڏيءَ لاءِ مليم!


شمس وري خوشيءَ وچان ڳالهايو: ته ادي منهنجي ڀاءُ رفيق وٽ ڏاڍو سٺو گڏو آهي، كيس ماما ٻاهران آڻي ڏنو آهي. هاڻي ته مان سياڻي صبح جو ادي رفيق جي گڏي لاءِ سڱ، گهرڻ ايند يس.

شيرين چيو: گُڏو گُڏي ته ٿيا تيار، پر ڄڃ ڪٿان ايندي؟

نبيله: آي ادي، گڏيون ڪنهن وٽ ڪونه هونديون؟ پنهنجي پاڙي ۾ ٿي ريحانه، رخسانه، شهلا، شاذيه، لُبنه ۽ عزه انهن سڀني وٽ ٻه ٻه، ٽي ٽي گڏيون ضرور هونديون، تن کي ڄڃ ۾ شريڪ ڪنداسون.

مطلب ته تاريخ ۽ وهانءَ جو وقت مقرر ٿيو. سڀ پنهنجي گهرن ڏانهن روانيون ٿيون.

صبح ساڻ نبيله ۽ ثمينه ٻئي ڀينرون سويل اسڪول جي وقت اُٿيون، ۽ پاڻ ۾ ڪي سٽائون پئي سٽيائون ته سندن ماءُ، جا اجا مُصلّي تان مس اُٿي هئي، تنهن نياڻين کي ايترو سويل جاڳندو ڏسي چيو ته پٽ اڄ اسڪول ته بند آهي، ڀلي آرام ڪريو ها. ڌيئرن جواب ڏنو ته سندن اڄ وڏو پروگرام آهي. امڙ! جي گهر ۾ وهانءُ هوندو آهي ته ڇا گهر واريون سويل ڪين اُٿنديون آهن؟ اسان وٽ به اڄ نبيله جي گڏيءَ جو وهانءُ ادي رفيق جي گُڏي سان آهي.



ڏنو هو. آنءِ ڳوهڻ جو ٿالهه، نئيو ٿئو، ويلڻ، تختو، چار ننڍڙيون ديڳڙيون، ننڍو فرائي پان، ڏڪڻي، ننڍا ڪوپ ساسر ۽ پليٽون وغيره هيون. هڪڙو پندرهن ونين وارو گاسليٽ جو چلهو پڻ وٺيس هو. باقي جن شين جي ڪوٺ هئي سا پين ساهيڙين پوري ڪئي.

پيلا وهانءِ مانيءَ ڪان سواءِ ڪيئن ٿو ٿهي. نبيله گهران آٽو، چانور، پٽاڻا، چانهه، کير، گيهه ۽ لوڻ وغيره ڪنيا. ڪا آڻو ڳوهڻ لاءِ ڪٽي ويٺي، ڪا وري چانور چونڊڻ لڳي، ڪنهن پٽاڻا چليا، چانهه ٺهي، پراٺا پيا، چانور ۽ دال تيار ٿي ۽ پٽاڻا تراڙا. آهي ڪم تہ سيني وڏين پينرن ڪيا. آنهن سان گڏ ننڍڙيون پينرون شانو، ببلي، مُني، گُڏي، شمّي، ڊالي ۽ نڪو وغيره بہ تہ آيون هيون. آهي ويچاريون، جي ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهن، تہ وڏيون پينرون دڙڪو ڏيئي چون تہ ”آئي نِڪو، تون ڇڏ، تنهنجو هٿ سڙي پوندو.“ تہ ڪا وري جهليندي چوين تہ ”سائي مُنّي، توکان پٽاڻا چليا ڪين ٿيندا، تون اڃا ننڍڙي آهين.“ جي ويچاري گُڏي آنءِ ڳوهڻ جي ڪري تہ سندس وڏي پيڻ کانئس آٽو کسي ونئي ۽ چويس ”اِهو ڇا ڪيئي؟ ايترو يڪو پاڻي وجهي ڇڏيئي، هاڻي ويلڻ تہ ڇڏ، آٽو تہ ڳوهڻ ئي ڏکيو ٿي پيو آهي.“

اِن طرح ويچارين ننڍڙين

جي گهرن ـان ماني لاءِ سڏ
ٿيو. پر وهاڻ، جو شام جو
ٿيڻو هو، ان ڪري فيصلو ڪيائون
تہ سيڪو وڃي پنهنجي پنهنجي
ـاني کٽي اچي.

مانيون آيون، مختلف طعام
اچي دسترخوان تي مڙيا. گڏجي
ڪاڌائون، ڏاڍو مزو آيو.
ڪل مسخري ۾ چڱي ڪچهري ٿي.

ان تي هڪڙو ڳاڙهو رئو
وڇايائون. ڪنوار کي سينگاري
ان تي وهاريائون. شيرين گڏيءَ
کي ننڍڙو ٽڪو ۽ نٿ ڏاهي
وڌي. شاذيہ گلن جا هار پوتا.

ڪنوار کي سڀ زيور هئن،
ٻانهن ۽ ڳچيءَ جا وڏا ويا. پر
زيور سڀ موتين جا هئا. ڪنوار



نبيلہ سڏ ڪري چيو، "هاڻي
جلدي ڪريو، ٿانو وغيره ميڙيو،
اچو تہ وهانءَ جي تياري ڪريون."

ڪرسين تان گاديون کڻي

جي رئي کي ڪناري ۽ گوٽو
لڳل هو، گهونگهٽ ڏاهي
وهاريو هئائون.

وراندي جي ڀئي پاسي گهوٽيتن
جو گهر هو. آنهن ٻہ آنهيءَ



# پولڙي جي پُل

هڪڙي پيري ڪنهن پولڙي کي بُک اچي ورايو، سو درياءَ جي ڪناري تي بيٺل گهاٽن وڻن تي کاڌي جي ڳولا ۾ پٽي ٽپا ڏنائين. آتي ڪو نوريئڙو به رهندو هو، جنهن اچي ڪيس ٻڌايو ته درياءَ جي ٻيءَ پر تي ميوي جو هڪ وڏو باغ آهي، باغ کان ٿورو اڳتي هڪ پاسي هنداڻن جي واڙي آهي ته ٻئي پاسي وري ڪمند جو فصل تيار بيٺو آهي. هاڻي ته هن جو هيڪاري سڪ ڦٽي ويو هو. بس جيئن ميوي جو تصور ڪري، تيئن سندس بي چيني وڃي وڌندي.

هونئن به هن جانور کي جپ گهٽ ايندي آهي. ڇرپر کان سواءِ اصل رهيئي ڪونه. ڪيڏي مهل پيونڻگون ڪنهيند و ته ڪيڏي مهل ويهي پيٽ کُٽي. جي پيٽ کُٽي بس ڪري، ته



ويهي مٿو کَنهي، ۽ جڏهن مٿو کنهي ٿڪجي، تڏهن ويهي هٿن کي ڏسي.

هوا لڳڻ تي درياءَ جي ٻيءَ پر تان ميون جي خوشبوءِ اچڻ لڳيس. ناسون ڦاڙي سُون سُون ڪري سُنگهڻ جي ڪوشش

دریاءَ ۾ آيو، ۽ هاٿي هنن جو
سفر شروع ٿيو. ترندي ترندي
جڏهن واڳون وچ درياءَ ۾
آيو، تڏهن خيال آيس ته متان
ٻولڙو ساڻس ڪو ڏوڪو نه
ڪري، سو شرارت وچان اوچتو
جو پُٺيءَ کي لوڏ ڏنائين ته

وعدو ورتو ته ڪاڌي لاءِ ڪو
شڪار يا سٺو ميوو ضرور هٿ
ڪري ڏيندين!
ٻولڙي قسم کڻي چيو،
"مون تي ڀلائي ڪر، آئون
توکي دل گهريو کاڌو ضرور
هٿ ڪري ڏيندس."
خير، واڳونءَ وري ترڻ شروع



ٻولڙو وڃي پاڻيءَ ۾ ڪِريو.
انهيءَ تي ٻولڙي کي ڏاڍي
اچرج به لڳي ۽ ڏپ به اچي
ورتس. آخر ڦٿڙاڏيون ڪائيندو
وري اچي واڳونءَ جي پٺيءَ تي
چڙهيو. واڳونءَ وري ڪانئس

ڪيو. تري تري آخرڪار اچي
منزل کي ويجها ٿيا. ٻولڙي ته
اِتي پنهنجي اصلي عادت ظاهر
ڪرڻ شروع ڪري ڏني.
ڇا ڪيائين جو، واڳونءَ جي
پٺيءَ تي وٺي ٺينگ ٽپا ڏيڻ

شروع ڪيائين. واڳون به ڪاوڙ وچان چوڻ لڳو، "ٻڪيا، ڪجهه صبر ته ڪر."

پولڙو ته ڪناري کان وک پنڌ اورتي ئي واڳونءَ جي پٺيءَ ڏان ٽپ ڏيئي لهي هليو ويو. ڪناري کان هيٺ لهي جو ڪٽي ڏسي ته ڪيلن جو فصل سچ پچ تيار بيٺو هو.

ڪيلن جي وڻن ۾ ايڏيون وڏيون ڳڙهون ڏسي پولڙو خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي. هڪڙي هڪڙي ڳڙه ۾ ٻارهن درجن ڪيلا هجن. وري زيتونن جي وڻن ڏانهن ڊوڙيو. تازا تازا، ساوا پيلا زيتون ويو پٽيندو ۽ کائيندو. ڪا مهل گذري ويئي، واڳون به ڪاڏي جو انتظار ڪري ٿڪجي پيو هو. سو سڏ ڪري چيائينس، "او پليل پولڙا! پنهنجو وعدو وساري ڇڏيئي، رڳو پنهنجي پيٽ پوڃا ۾ لڳو پيو آهين."

پولڙي واڳون سان پٺي ٿلهي ها ها ڪئي ۽ ڪوڙا دلاسا ڏيندو رهيو. جيتوڻيڪ زيتونن جي وڻن ۾ پکي پرند به پٺي آيا ۽ ويا. پر پولڙي کي پنهنجو پيٽ پيارو هو، ۽ واڳونءَ جو ذري برابر به خيال نه ڪيائين.

واڳونءَ جي ٻيهر چوڻ تي چا ڪيائين جو سٺو سٺو ميوو ته پاڻ کاڌائين ۽ ڪچو ۽ سڙيل ميوو واڳونءَ ڏانهن اڇلايائين. سو به اهڙيءَ بي پرواهيءَ سان اڇلائي ٿي ڏنائينس جو ڪو ميوو وڃي پاڻيءَ ۾ ٿي ڪريو ته ڪو وڃي واريءَ تي ٿي ڪريو.

پولڙو ڪيلن تان ٽريو ته اچي هنداڻن جي ولين تي ٽُٽو. هنداڻن جا هٽي هاچا ڪيائين. ڪيس جا آڃ لڳي هئي سا به هنداڻن کائڻ سان وڃي ڏري ٿيس.

نيٺ واڳونءَ کان به رهيو نه ٿيو ۽ گوڙ ڪري سڏ ڪيائين، پر پولڙي ذرو به خيال نه ڪيو.

واڳون کي ڏاڍي ڇرڪ آئي. پهريائين سوچيائين ته ڪيس اتيئي ڇڏي هليو وڃي، پر وري اهو خيال ڪري ترسي پيو ته هليو وڃڻ سان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ پيٽ به خالي ته پُٺ به خالي رهندي. ڇو نه ٻولڙي کي پُٺ تي ويهاري پنهنجو پيٽ ڀريان، آخر سانجهيءَ جو وقت اچي ٿيو. واڳون ٻڪ ۾ ساڻو ٿيو ليٽيو پيو هو. ۽ بدلي وٺڻ جي باهه به اندر ۾ آدما پئي ڏنا، ٻولڙو به ڪمند جي رس کي وارو ڏيئي موٽيو، ۽ اچي واڳونءَ کي چيائين، "ادا واڳون! معاف ڪجانءِ، جو ڏاڍي دير تي ويئي آهي، ۽ وري تنهنجي لائق ڪو شڪار به نه ڦاٿو. ادا، پنهنجو پنهنجو نصيب آهي."

واڳون به ڪاوڙ ۾ باهه ٿيو ويٺو هو. ڪيس جواب ۾ فقط ايترو چيائين ته، ها پٽ تنهنجي نصيب جي توکي هاڻي خبر پوندي.

بيوقوف ٻولڙو واڳونءَ جي ان ڳالهه کي سمجهي نه سگهيو ۽ خوشي خوشي ۾ اچي هُن جي پُٺيءَ تي سوار ٿيو. واڳون به محسوس ڪيو ته ٻولڙي جو وزن واپسي جي وقت ڪجهه وڌيڪ ڳرو هو، ۽ خوش ٿي سوچيائين ته شڪار تڪڙو هجي ته سٺو. واڳون ترندي ترندي جڏهن وچ درياءَ ۾ پهتو، ته پُٺيءَ کي جيئن زور سان لوڏو ڏنائين، تيئن ٻولڙو وڃي پاڻيءَ ۾ ڪريو. بس پوءِ ته ٻولڙي جي رڙ هيٺ، رڙ مٿي، "مون کي بچاءِ آئون ٻُڏان ٿو، ادا واڳون، مون کان ڀُل ٿي؛ مون توبهه ڪئي، مون کي معاف ڪر!"

پر هن ڀيري واڳون ٻولڙي جي هڪڙي منٿ به نه ٻڌي، پاڻ وراڻي ڏنائينس، "رهين درياءَ جي ڪپ تي ۽ وڃهين ٿو واڳونءَ سان وير." آئون

اصل نہ چڙ يند وسانء. جهليند يئي
پولڙي کي چيري ڦاڙي ڪاڻ
شروع ڪري ڏنائين. ڪائي

جڏهن ڏءِ ڪيائين، تڏهن ساڳئي
ڪَپ تي اچي آرام سان
سُمهي رهيو.



# بزرگ جوباز

صبح جو ويٺل، مٿان اچي منجهند ٿي هئي، پر دين محمد جي ڄار ۾ اڃا تائين ڪا به مڇي نه ڦاٿي هئي. هو ان آسري تي ڄار پاڻيءَ ۾ وجهيو ويٺو رهيو ته من ڪا مڇي ڄار ۾ اچي ڦاسي. مڇيءَ جي انتظار ۾ ويهي ويهي اچي ٿڪو. هيڪر بيزاريءَ وچان سوچيائين، "وڃي ڪَڏ ۾ پَون اهي مڇيون، آئي ڪڙو ٿيان." پر جيئن ته اڄ ڪيس پيسن جي لوڙ به ڏاڍي هئي، ان ڪري اُميد تي دل ٻَڌي ويٺو رهيو.

ٿوري ٿوري دير کان پوءِ جڏهن ڄار ۾ ڪا شيءِ ڦاسندي محسوس پئي ڪيائين ته جهٽ ڏيئي ڄار کي ڇڪي ٻاهر ٿي ڪڍيائين، پر ڄار ۾ ڪنهن مهل درياهي ٻوٽن جون پاڙون ۽ پن اٽڪيل پئي مليس ته ڪيڏيءَ مهل وري ڪَک ۽ ڪاٺيون اچي







پٺي ڦاٽيون، پر نه ڪا مڇي، نه
مڇيءَ جي ذات.

دين محمد جي دل ۾ ڏاڍو ارمان هو. جانوءَ جا اگهاڙا پير، شاهده جو ڪليو مٿو ۽ صالحان جون پُٺيون ٻانهون پٺي ذهن ۾ ڦريس. دل ۾ سوچيائين پٺي ته، "الله وڏو آهي، آخر ڪا مڇي موڪليندو."

دين محمد ويٺي ويٺي اوچتو مٿي نظر ڪئي ته ڪيس هڪڙو سونو باز لامارا ڏيندو نظر آيو. باز ٿوري دير کان پوءِ دينوءَ مٿان گهرو ڏيئي هليو پٺي ويو.

دين محمد باز کي ڏسي، اُميد جو پلاند اچا به سوگهو جهليو. ڇو جو ڪيس اها خبر هئي ته باز جو کاڌو مڇي ٿئي ٿي، ۽ باز جي نظر انسان جي نظر کان وڌيڪ تکي ٿيندي آهي. باز کي پري نه ٿيندو ڏسي، دين محمد کي پڪ ٿي ويئي ته پاڻيءَ ۾ مڇيون ضرور هونديون.

دين محمد انتظار ۾ ويهي ويهي ڏاڍو ڪڪ ٿيو. بدن ۾ ٿڪ،




دل ۾ ارمان ۽ دماغ ۾ گهرجن جو خيال هجيس. لاچار اُتي وڃڻ جو سوچيائين. اڃا اُتي ويٺو ئي مس ته پريان هڪڙو بزرگ اڇا ڪپڙا پاتل ڏانهس وڏندو نظر آيو. دين محمد حيرانيءَ سان ڏانهس ڏسڻ لڳو.

بزرگ جڏهن دين محمد جي ويجهو آيو ته ڪانئس سوال ڪيائين، "ڇا تون صبح کان هت ويٺو آهين؟ ۽ ڪابه مڇي ڪانه ڦاٿي اٿيئي؟"

دين محمد ڏاڍي ادب سان وراڻيو، "هائو سائين، آئون ڏاڍو پريشان آهيان. صبح کان وٺي اچي هيءَ مهل ٿي آهي، پر اڄ قسمت خراب اٿم، جو ڪنهن مڇيءَ جهل ڏني ئي ڪانه."

بزرگ چيس، "دل ننڍي نه ڪر، بسم الله ڪري اڇل چار پاڻيءَ ۾. الله جي حڪم سان ايتريون مڇيون ڦاسنديون، جو جهلئي جهل نه ڏينديءَ. پر هڪڙو وعدو ڪر." "سائين، اوهان حڪم ڪريو." دين محمد




ڏاڍي خوشامدي نموني ۾ چيو.

بزرگ وراڻيو، ”جيڪي مڇيون تنهنجي ڄار ۾ ڦاسن، تن مان اڌ مڇيون تون کڻجانءِ ۽ اڌ مون کي ڏيئي وڃجانءِ. منهنجي جهوپڙي، اجها اها گس پنڌ تي ڏسجي پيئي.“


دين محمد خوش ٿي وراڻيو، ”حاضر سائين، مون کي مڇيون ملن ته سهي، پوءِ آئون ضرور ائين ڪندس، جيئن سائين جن حڪم ڪيو آهي.“ بزرگ هليو ويو.

دين محمد بسم الله ڪري ڄار پاڻيءَ ۾ وري اڇلايو. ڄار ڪرنديئي ويو مڇين سان ڀربو. بس هاڻي ته دين محمد خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي. ڏاڍي خبرداريءَ سان مڇين کي سنڀالي ڇليءَ ۾ پئي وڌائين. پل کن لاءِ ڪيس اهو خيال به آيو ته بزرگ انهن مڇين مان اڌ مڇين جو ڪيس ڏيڻ لاءِ چيو هو. پر وري بزرگ کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندي بزرگ جي ان ڳالهه کي ڪو وزن نه ڏنائين. دل ۾ ڪجهه لالچ ٿيس ته چو نه آئون اهي



شاهده گنديءَ لاءِ پئي گوڙ
ڪري، ۽ وري تنهنجون پُٽيون
ڀانهون ٻـ تـ نٽيون ٿـهن."
ڏينوءَ ڏاڍي پيار ۾ چيـو.
صالحان نٽائيندي وراڻيو، "ها، پر
گهر ۾ اٽو، چانور ۽ گيهه بہ اڇي
ڪُٽا آهن." "ها- ها، سڀ ڏي
ويندا، پيسا ججها اٿم، فڪر نہ
ڪر." ڏينوءَ ڪجهه رعب سان
ڳالهايو.

ماني کائي ڏينو ٽانگي لاءِ
روانو ٿيو. سندس زال ۽ ٻار
اچا تياريءَ ۾ رُڌل هئا تہ ڏينو
ٽانگو وٺي آيو. ڏينوءَ در تي
خوشيءَ مان پيسن جي ڳوٿريءَ
کي اُڇلون پئي ڏنيون ۽ خيالي
پُلاءَ پئي پچايائين. هو انهيءَ
انتظار ۾ هو تہ اِجهو ٿا گهر
وارا سنهيري ٻاهر نڪرن. ايتري ۾
پريان ساڳيو سونو باز لامارا
ڏيندو نظر آيس. ڏين محمد
انهيءَ کي بنان ڪنهن فڪر جي
جاچيندو رهيو. پَل ڪن ۾ باز



ڏينوءَ جي گهر تائين پهچي ويو.
ڏين محمد اچا پنهنجي نظر
هيٺ ڪئي ئي ڪونہ تہ باز
جهٽ ڏيئي اُها پيسن جي ڳوٿري
سندس هٿ مان کسي هليو ويو.

ڏين محمد باز جي انهيءَ
حرڪت تي ڇرين وانگر باز جي
پٺيان ڊوڙڻ لڳو. اهو وساري
ڇڏيائين تہ باز هوا جي گهوڙي
تي سوار آهي ۽ پاڻ زمين تي
ڊوڙي رهيو آهي.

دين محمد رڙيون ڪندو، گهوڙا گهوڙا ڪندو ڊوڙندو رهيو. باز انهيءَ ساعت ڳوٿريءَ جا سڀ پيسا ساڳئي درياءَ ۾ وجي اڇلايا ۽ خالي ڳوٿري آڻي بزرگ جي جهوپڙيءَ جي ٿلهي تي ڦِٽي ڪيائين.

دين محمد روئندو رڙندو اچي انهيءَ جهوپڙيءَ تائين پهتو، جا ڪيس بزرگ ڏيکاري هئي. بزرگ روئڻ جو آواز ٻُڌي ٻاهر نڪري آيو ۽ دين محمد کي ڏسي حيران ٿيو، ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيائين.

دين محمد شرم وچان ڳالهه نه ٻڌائي ڪري سگهيو، فقط "ڦُرجي ويس"، "لُٽجي ويس" جي واٽي وات هجيس. بزرگ جي زور ڀرڻ تي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. بزرگ سچي ڳالهه ٻڌي ڪيس چيو، "ابا! هاڻ مان تنهنجي مدد نٿو ڪري سگهان. پاڻيءَ مان پيسا ڪيڻ نه تنهنجي وس جي ڳالهه آهي ۽ نه وري منهنجي وس جي. تو جهڙي نيت رکي، تهڙي مراد پرائي. اڳتي لاءِ اهڙو ڪم نه ڪجانءِ."

"اهو باز مون پاليو آهي. تو اهو وساري ڇڏيو ته باز ڏاڍو ذهين پکي ٿيندو آهي، ۽ پنهنجي مالڪ سان پڻ وفادار رهي ٿو."

ويچارو دينو پنهنجو مٿو ائين هٿن ۾ جهلي ويهي رهيو، ڄڻ ڪا لٽ لڳي هجيس. سچ ته اها لالچ جي لٽ هئي، جا ڪيس نيت جي بدلي ڪاپار ۾ لڳي هئي ۽ جنهن ڪيس تاحياتي سبق سيکاري ڇڏيو هو.




# ڪينهوڙي تي ڪيٺو


”امان، امان، او امان!“ راحيل ماءُ کي ڪمري ۾ ڳوليندي پئي سڏ ڪيا. ”آيس ابا، آيس. ڇو پيو رڙيون ڪرين؟ ماٺهو صبر ته ڪري.“ ماڻس ويجهو اچي ڇيائينس: ”هاڻي ٻڌاءِ، ڇو ٿي سڏيئي؟“ راحيل انگل ڪندي چيو، ”امان مون کي پيو هوائي جهاز وٺي ڏي.“ ماڻس چيو، ”بابا، هفتو کن مس ٿيو آهي جو پٺهين هوائي جهاز وٺي ڏنو هيئي. وچ پٽ، مون کي ڪم ڪرڻ ڏي.“


”نه امان، مون کي پيو هوائي جهاز وٺي ڏي. هي ڏس، هي ته هاڻي هليئي ڪونه ٿو.“ راحيل وري ماءُ کي چيو.

ماڻس ڪانئس هوائي جهاز وٺي چابي چڱي طرح پيري ڏنائينس. جهاز زمين تي رڪڻ سان ڪجهه ته هليو.

راحيل وري ڪيٺو ڪندي چيو، ”نه امان، مون کي پيو وٺي ڏي. اهو سولو هلي ئي ڪونه ٿو. ظفر جي پيءُ ڪيس منهنجي









جهاز ڪان وڏو جهاز وٺي ڏنو آهي. آن جون ٻتيون ٻـ ٻرن ٽيون ۽ آهو ٻنتي ٻہ هلي ٿو."

"ها بابا، ظفر جو پيءُ تازو لنڊن مان آيو آهي، آتان آندو هوندائين. پٽ، پاڻ غريب ماڻهو آهيون، اهڙو جهاز نہ وٺي سگهنداسين. وچ، ڏاهو پٽ آهين نہ، وڃي راند ڪر." ماڻس پيار سان سمجهائي چيس.

راحيل ماءُ جي ڳالهہ ڌانهن ڌيان نہ ڏنو ۽ وري ضد ڪندي چيائين، "نہ امان، بس مون کي هوائي جهاز ضرور کپي. بابا کي چئو تہ مون کي بہ ظفر جي جهاز جهڙو جهاز وٺي ڏئي."

ماڻس ڪک تي چيس، ”راحيل! سر نہ کپاءِ، وچي راند ڪر.“

راحيل ضد تان نہ لٿو. ڪيٽو ڪندي چيائين، ”امان! ڇا سان راند ڪريان. هوائي جهاز تہ هلي ئي ڪونہ ٿو.“

ماڻس کي راحيل جي ضد تي ڪجهہ ڪاوڙ آئي ۽ دڙڪو ڏيئي چيائينس، ”ڏس! تنهنجي



پيڻ نسيم جي گڏي بلڪل نئين رکي آهي. هوءَ تو کان ننڍي آهي، پر پنهنجا رانديڪا ڪيئن نہ سنڀالي ٿي رکي. تنهنجا رانديڪا تہ هوڏي آيا ۽ هوڏي ڀڳا. وڃ، مون کي ڪم ڪرڻ ڏي، اجايو سر ٿو کپائين.“

راحيل هيڪر تہ ويو، پر گهڙيءَ کان پوءِ وري اچي نئون راڳ شروع ڪيائين: ”امان! پلا جي هوائي جهاز نٿي وٺي ڏين تہ مون کي سائيڪل وٺي ڏي. ڏس، رضو (رياض) کي سندس مائٽن کهڙي نہ سٺي ڳاڙهي سائيڪل وٺي ڏني آهي!“

ماڻس وري سمجهائيندي چيس، ”پٽ! پين جي ريس ڪرڻ چڱي ڳالهہ ڪانهي. رضوءَ جي ماءُ ڪيس سڄو ڏينهن اڪيلو ڇڏي نوڪري تي هلي ٿي وڃي. پر مان تہ سڄو وقت توسان گڏ


آهيان. تنهنجو پيءُ به توکي
ڪيترو نه پيار ٿو ڪري! ڪڏهن
به توکي دڙڪو نه ڏنو اٿس.
اهوئي سبب آهي جو تون نڊر
ٿي پيو آهين. رياض جي پيءُ
کيس ڪيڏي نه مار ڏني هئي.
پوءِ جي سائيڪل وٺي ڏنائين
ته ڇا ٿي پيو."


ايتري سمجهائڻ ڪان پوءِ به
راحيل ٽيسو ڪري روئڻ لڳو.
ماڻس ڪاوڙجي چيس: "هاڻي جي
ماٺ نٿو ڪرين ته ڏينديسانءِ
مار. وڃ، وڃي پڙهه! سڄو ڏينهن
راند ۽ رانديڪن جي جهوري
لڳي پيئي اٿيئي. هاڻي وڃ،
مون کي تنگ نه ڪر."

راحيل کي به ڏاڍي ڇڙ اچي
ويئي، ڇو جو ماڻس سندس ڪابه
ڳالهه نه مڃي هئي. روئندو،
ٻڙ ٻڙ ڪندو چوڻ لڳو: "مان
نه پڙهندس، مان چيو نه مڃيندس،
مان ماني نه کائيندس ـــــ اصل نه
کائيندس. مان نسيمه جي گڏي
پچي ڇڏيندس." آون آون ڪندو
پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.


ماڻس کي به ڏاڍي ڇڙ هئي،
تنهن راحيل جي ڌمڪيءَ جي
پرواهه ئي نه ڪئي ۽ وڃي
پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي!

راحيل ڪمري ۾ وڃي ٿا - ڦو
شروع ڪئي. ٻال ڪٽي اُڇل،
ته نينڙي گاڏي ڪٽي اُڇل،
اِجهو موٽر ڦهڪو ڪيو، ته وري
نينڙي ٽينڪ جا ٽيا ٽي ٽُڪر.
وري ڏنائين پيٽ جي رانديڪن
کي ڦيرو. گُڏيءَ جو پلنگ، جو
اُتي پيو هو، سو به ڪيائين









پريءَ ٺهڪ ڏيئي چيو، "لنڊن جي رانديڪن جي هٽي جاءِ ڪونهي. پر، هڪڙي ٻي ڳالهه ٻڌ، آتي آسمان ڪانه ملنديئي، آتي فقط رانديڪا ئي رانديڪا هوندا."

راحيل: "نه نه، مون کي اسان نه، پر رانديڪا کپن.

اسان ته مون کي رانديڪا وٺي ڏيئي ڪونه. اسان کي مون تي ترس اچيئي ڪونه. تون ڪهڙي نه سٺي آهين، جو توکي مون تي رحم اچي ويو. پر، تون مون کي آسمان تي ڪيئن وٺي هلنديئن؟ ڪو هوائي جهاز آندو اٿيئي؟ منهنجو هوائي جهاز ته هلي ئي ڪونه ٿو."

پري: منهنجا پر ڏي تنهنجو هوائي جهاز ٿيندا. تون منهنجي پرن تي ويهي رهندين ۽ مان توکي آڏائي آسمان تي وٺي هلنديس. راحيل! هاڻي جهٽ ڪر، دير نہ ڪر، وقت پيو وڃي."

راحيل پريءَ جي پرن تي سوار ٿي آسمان ڏانهن روانو ٿيو. پهريائين تہ ڪجهہ ڊپ لڳس، پر پوءِ ڏاڍو مزو آيس. دل ۾ اها خوشي هيس تہ هاڻي ڪينهوڙن جي ڪيٽ ۾ وڃي ٿو پهچان.



هيٺ جو نظر ڪيائين تہ سندس گهر بہ ڪينهوڙي وانگر ٿي نظر آيس.

هيٺ ڏسندي ڏسندي، سندس گهر بہ نظرن کان غائب ٿي ويو. آڏامندي آڏامندي، زمين کان پري، تمام گهڻو پري، پريءَ جي پرن تي راحيل پٺي موجون ماڻيون. رستي ۾ ڪيس تارن جون بتيون شمعن وانگر ڏسڻ ۾ پئي آيون. ڪٿي ڪٿي ڪڪرن جي ڪري اونداهي بہ پئي ٿي، پر وري سج جا ڪرڻا ڪڪرن کي چيري رستي ۾ روشني ڪريو ڏين. راحيل کي منزل تي پهچڻ جو ڏاڍو فڪر هو. آخر اها گهڙي بہ آئي جڏهن پري اچي هڪڙي ڏاڍي سهڻي جاءِ تي پهتي، جتي رنگارنگ جهنڊيون لڳل هيون. ساوا، ڳاڙها ۽ پيلا قوڪٽا ٽنگيل هئا، چمڪندڙ سونيون ۽ روپيون پٽيون پئي لٽڪيون. رستي تي ننڍا ننڍا



ٻارڙا رنگين ڪاغذن جون ٽوپيون پايو، جهنڊيون هٿن ۾ کنيو، هن جي آڌر ڀاءُ لاءِ بيٺا هئا. راحيل دل ۾ سوچڻ لڳو ته "واهه آئون واهه! منهنجي ڪهڙي نه آجيان ٿي رهي آهي! هنن کي منهنجي خوشيءَ جو ڪيترو نه خيال آهي! امان کي ڪيتريون ئي منٿون ڪيم ته منهنجي سالگره تي ڪمري کي انهيءَ طرح سينگاري، پر امان ته سڀ ڪنهن ڳالهه کي اجايو خرچ سمجهي پئي جند ڇڏائي.

پريءَ راحيل کي خيالن جي درياءَ ۾ غرق ڏسي چيو، "سوچين ڇا پيو؟ هل رانديڪن جي ڪمري ۾."

راحيل ڇرڪ ڀري پريءَ جي پٺيان لڳو. ڪمري ۾ گهڙڻ سان ائين معلوم ٿيس، ڄڻ آتي رانديڪا پوکيا هئا. ڪا اهڙي جاءِ نه هئي، جا رانديڪن کان خالي هجي. ڇا ڏسي، ڇا ڏسي! هر طرف رانديڪا ئي رانديڪا هئا. راحيل دل ۾ سوچڻ لڳو، "هٽ ته رانديڪن جي دڪان کان به ٻيڻا ٽيڻا رانديڪا آهن. وري امان سان گڏ رانديڪن جي دڪان تي ڏٺو ڪٿي ڪنهن رانديڪي کي هٿ لائبو هو ته هڪدم ڇڙٻ ڏيئي روڪيندي هئي. سڪائي سڪائي ڪو هڪڙو رانديڪو مس وٺي ڏيندي هئي، سو به جيڪو سڀني کان سستو هوندو هو."

پريءَ کيس سوچيندو ڏسي چيس، "سوچين ڇا پيو؟ هي سڀ تنهنجي راند ڪرڻ لاءِ رکيل آهن."

راحيل: "مون کي ڪو روڪيندو ته ڪونه؟"

پري: "نه، نه، بيشڪ جيڪو رانديڪو کپيئي، سو کڻي راند ڪر."

پوءِ ته راحيل ديوانن وانگر هڪڙي رانديڪي کي کڻي ته وري ٻئي ڏانهن ڊوڙي. سائيڪل تي چڙهي ۽ جي جيپ ڏسي ته ان ڏانهن ڊوڙي. موٽرسائيڪل کي چابي ڏيئي هلائي، انهيءَ



جي چاهي اجا پوري ڪانه ٿئي ته وري موٽر هلائي. هڪڙي هڪڙي راندڪي کي ويو ڇهي ڏيندو، تان جو سڀ راندڪا پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان هلڻ لڳا ۽ راحيل وچ ۾ بيٺي خوشيءَ ۾ تاڙيون وڄايون.

وري هوائي جهاز تي نظر پيس، جنهن ۾ ڳاڙهيون ۽ سايون ٻتيون لڳل هيون. دل ۾ چيائين ته امان مون کي وڏو هوائي جهاز نٿي وٺي ڏنو، پر هتي ته ڪيڏو نه وڏو هوائي جهاز ملي ويو اٿم. مان سچ ٻ ته نيلم جو ٽورانٽو آهيان.

ڪا مهل ٿي ته هڪ سهڻي ۽ سٺي، ڳاڙهي رنگ جي سائيڪل تي نظر پيس. ڊوڙي وڃي ان تي چڙهي ويٺو. دل ۾ سوچيائين ته اها سائيڪل ته رضوءَ جي سائيڪل کان به سهڻي آهي. رضوءَ جي سائيڪل ۾ ته گهنڊڙي به ڪانه هئي، هن ۾ ته ٻتيون به لڳل آهن.

راحيل راند روند ۾ ايترو ته محو ٿي ويو، جو ڪيس وقت گذرڻ جي ڪا ڪل ئي نه رهي. ٻه دفعا پريءَ اچي چيس ته، "هاڻي واپسيءَ جو وقت ٿيو آهي، منهنجي حڪومت جو وقت ختم ٿي ويو آهي. هاڻي هتي رات جي ديو جو راڄ ٿيندو. هل ته گهر وٺي هلانءِ"، پر راحيل پيهر راند ۾ مشغول ٿي ويو. پريءَ جي ڳالهه ڪي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيائين، ڪيس چئي مڃڻ جي عادت ڪانه هئي.

پريءَ جڏهن ٽيون دفعو چيس ته راحيل واپس وڃڻ کان انڪار ڪيو. ان تي پري ناراض

تي چيو، "تون ڏاڏو بي چيو پار آهين. نهيو، هاڻي مان وڃان ٿي، تنهنجي مرضي، ويٺو راند ڪر." ائين چئي، پري هلي وئي. راحيل پريءَ جي آن ڏ مڪيءَ جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. وري راند ۾ لڳي ويو.

ڪا مهل ٿي تہ راحيل کي محسوس ٿيو تہ جيڪا روشني ڪمري ۾ هئي، سا گهٽبي پيئي وڃي. آخر ڪمري ۾ اونداهي پکڙجي وئي. هاڻي راحيل کي نيلم پريءَ جي ڳالهہ ياد آئي ۽ کيس سڏ ڪرڻ لڳو، "نيلم، نيلم!" پر نيلم پري هجي ڪا ميدان تي، جا سڏ ورائي.

آهستي آهستي راحيل کي هڪڙو بہ رانديڪو ڏسڻ ۾ نہ پيو اچي. کيس بُک بہ اچي ورايو هو. سڄو ڏينهن راند ڪرڻ ڪري ٿڪ بہ ٿي پيو هوس. ڏپ وچان ساهہ بہ اچي سوڙهو ٿيو هوس. هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙايائين، پر نيلم تہ ڇا، سندس پاڇو بہ ڪٿي نظر نہ پيو اچيس، نيلم تي چڙ بہ ڏاڍي آيس.

دل ۾ سوچيائين تہ، "نيلم مون کي رندن ۾ رلايو. منهنجي ماءُ هوند مون کي ائين اونده ۾ اڪيلو ڪڏهن بہ نہ ڇڏي هلي وڃي ها. وري امان تہ هڪڙي سڏ تي چوندي آهي، "جي چوئي امان!" نيلم کي ڪيترا سڏ ڪيا اٿم تہ ورندي ئي نہ ڏني اٿس."

اجا اهو سوچيائين پئي تہ رات جي ديو جي گجگوڙ جو آواز ڪنن تي پيس. کيس ائين پئي لڳو، ڄڻ اهو آواز سندس ڪنن جي ويجهو پيو اچي. راحيل ڏپ ۾ ٿڙڪڻ لڳو ۽ خوف ۾ سڄو پگهرجي ويو. جڏهن ڏپ جهلي نہ سگهيو، تڏهن وڏي رڙيون ڪري روئڻ لڳو. "امان! امان! هانءُ ڏاريندڙ سڏ ڪيائين، او امان!"

راحيل جي ماءُ جڏهن پٽ جا اهڙا سڏ ٻڌا، تڏهن ڪم ڪار ڇڏي، "جيءُ چوئي امان!" چوندي سندس ڪمري ڏانهن

۾ وڙندي ويئي.

”ڇو پٽ! ڇا بابا! ڇا ٿيو ٻچا؟ ڇا ٿيئي منهنجا رانجهن؟“ ڪمري ۾ گهڙي ڏسي ته راحيل زمين تي پيو آهي. سڀ رانديڪا ڍڙيا پکڙيا، ڀڳا ٽٽا پيا آهن. راحيل ڀڪُهر ۾ ٻڌو پيو رڙيون ڪري. ماءُ ڪڇي سيني سان لڳايس. ماءُ جي سيني جي گرمي محسوس ڪري راحيل اک پٽي. جاڳڻ تي راحيل پڇي ٿي چيو، ”نيلم! مون کي منهنجي امڙ کپي. مون کي رانديڪا نه کپن.“

جڏهن ماڻس پيشاني چمي ته راحيل کيس ڀاڪر پائي چوڻ لڳو، ”امان مان هاڻي ڪينهوڙي لاءِ ڪينو نه ڪندس. مان نيلم پريءَ جي چوڻ ۾ نه ايندس. امان، مان هوائي جهاز لاءِ ضد نه ڪندس. مان سائيڪل لاءِ توکي تنگ نه ڪندس. مان ٻي ڇيه نه ڏيندس. امان، مان تنهنجو چيو ضرور مڃيندس.“

ماءُ کيس پيار ڪيو. ’آيَةُ الڪُرسي‘ الله جو ڪلام پڙهي دم ڪيائينس، ڇوجو ماڻس نيلم پري جو نالو ٻڌي سمجهي ويئي ته راحيل ڪو خواب ڏٺو آهي.

ماءُ دلداري ڏنس ۽ پٺي ٿپريندي رهيس، جيسين وري کيس سانت ٿي.





# پَڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " أداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي أداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. أنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ أهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ أهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوي، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)